# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVI مجريہ 1984
# SINDH ORDINANCE NO.XXXVI OF 1984
# سنڌ وزير (پگھارن، سھوليتن ۽ مراعتن) ترميم آرڊيننس، 1984
# THE SINDH MINSTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) AMENDMENT ORDINANCE, 1984

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ VIII مجريہ 1975جي دفعہ II ۾ ترميم.

Amendment of Section II of Sindh Act VIII of 1975.

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXXVI مجريه 1984
# SINDH ORDINANCE NO. XXXVI OF 1984

## سنڌ وزير (پگھارن، سهوليتن ۽ مراعتن) ترميم آرڊيننس، 1984
## THE SINDH MINSTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) AMENDMENT ORDINANCE, 1984

[1 نومبر 1984]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ وزير (پگھارن، سهوليتن ۽ مراعتن) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ وفاقي شرعي عدالت سنڌ وزيرن (پگھارن، سهوليتن ۽ مراعتن) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

سنڌ وزيرن (پگھارن، سهوليتن ۽ مراعتن) ايڪٽ 1975 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي.

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ عبوري آئين 1981 جي حڪم جي تڪميل ۾ سنڌ جو گورنر خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ٺاهي نافذ فرمائي ٿو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ وزيرن (پگھارن، سهوليتن ۽ مراعتن) (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ وزيرن (پگھارن، سهوليتن ۽ مراعتن) ايڪٽ، 1975 جي دفعہ II ۾ ذيلي دفعہ (3) کانپوءِ هيٺين نئين ذيلي دفعہ جو اضافو ٿيندو.

”(4) جڏهن نامزد شخص کي معاوضو ادا ڪيو ويندو، تہ اهو ان معاوضي کي فوتي جي وارثن ۾ ان جي قانوني حصي موجب ورهائيندو.“

سنڌ ايڪٽ VIII مجريہ 1975جي دفعہ II ۾ ترميم.

Amendment of Section II of Sindh Act VIII of 1975.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**